۽ رات تائين تنهنجيون اکيون،
ٻرندڙ نيلم جهڙيون ٿينديون،
هنن سمين راڻين مان
ڪا هڪ بہ لائق ناهي،
تون منهنجو خزانو آهين،
صرف تون ئي اهم
منهنجي دل ۾ آهين

**نوري**

۽ تنهن هوندي بہ تو مون تي
شڪ ڪيو،
ها روز رات جو مون سان ملڻ
هڪ شخص ايندو هئو،
محل جي در ڪان لڪي ڇپي
داخل ٿيندو هئو،
صرف چنڊ جي روشني هن
سان گڏ هوندي هئي،
جڏهن تون سمهندو هئين تہ
هيءُ مونکي آٿت ڏيندو هئو،
هوُ سُرندي ڪسڪندي اندر ٻاهر
ايندو ويندو هو،
هڪ تيلين جي سادي ٿوڪري
هٿ ۾ ڪڻي،

هنن توکي ٻڌايو تہ هيءُ منهنجو ياءُ آهي،
اُهي صحيح هئا، پر توکي

مون تي وشواس ڪين هئو،
جيڪو ڏبو مون هن کي ڏنو
اسانجي ننڍي ڳوٺ ۾ ڪٽي وڃڻ لاءِ،
اُنهيءَ ۾ مڇيءَ جا ڪنڊا،
۽ ڊوڊي جي ڀور هئي،
نہ ئي هيرا جواهر چوري ڪري
هتان هنن وڏين خاموش ديوارون مان
ڪٽي پئي ڀڳو،
هنن عورتن تو سان ڪوڙ ڳالهايو
۽ تو اعتبار ڪيو،
تنهنجي محل جو رنڌڻو طعامن
سان ڀرپور آهي، ڪا ڪمي ناهي،
پر اِهي مهنگا انب ۽ کجور
ڪافي ناهن،
ڇو تہ ڪينجهر جي ويجهو مون
پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ جيڪي لزيز،
عمدا طعام ڪاڌا آهن سي
تون نہ ڄاڻين،
تنهنجي رسوئيءَ ۾ رڌيل ڪيسر
جي سُڳنڌ وارو پُلاءُ،
منهنجي امڙ جي گهنجيل هٿن
سان رڌيل پلي سامهون ڦڪو آهي،
اُهو پُلاءُ ڪُجهہ ناهي.

**ڇار تماچي**

**نوري تون منهنجي ستين راڻي آهين**
**پر منهنجي لاءِ سدائين پهرين خاص آهين،**
**تُنجُ عورتون، فريب ڪنديون آهن،**
**تنهن ڏينهن سچ جو پاسو ڪندي،**
**جڏهن مون اعلان ڪيو تہ مان هڪ ئي**
**راڻيءَ ڪي شام جو سئر ڪرائيندس،**
**هوُ سڀ مهنگا، چلڪڻا وڳا**
**پائي آيون ۽ ڪاجل لڳل اکين**
**سان منهنجي طلب ڪين،**
**پر سندن رنگ سان ٿڦيل ڳل ۽**
**ميهندي رتا هٿ،**
**مون کي بناوٽي محسوس ٿيا**
**۽ منهنجيءَ تريءَ ڪان پڻ سخت لڳا،**
**نہ فقط هنن جا چهرا پر**
**سندن داغدار دلين مان**
**مون کي بُڇان آئي،**
**نوري، مڇيءَ جو هڳاءُ جيڪو**
**تنهنجن سادن ڪپڙن مان**
**ٿمندو آهي اُهو هن سڄيءَ**
**زمين جي عطر کان لاجواب آهي،**
**تنهنجي سونهن هنن کان وڌيڪ**
**ڄمار ماڻي،**
**توکي ڪنهن بہ ترتيب جي**

گنجائش ناهي منهنجو ڏيان
ڇڪڻ لاءِ.
ڪنهن ڏينهن، ساڏو سنت پڻ
توکي ياد ڪندا،
تنهنجي نماڻائي ۽ ٻاجه
اسان سيني ڪي پنيان ڇڏيندي.

**نوري**
توکي پنهنجين راڻين سان
رحم دل ٿيڻ گهرجي،
هنن ڪي احساس ڏيار تہ هوُ
سڀ بہ تنهنجي لاءِ ضروري هيون.
جي تون هنن جو لحاظ نہ ڪندين
تہ منهنجو قدر ڪيئن ڪندين؟
۽ جڏهن تون تيار آهين ڄام تماچي،
تڏهن مان توسان گڏجي هلندس
اُتي جتي ڪل ڪل ڪندڙ پاڻيءَ جي ڌارا ۾
وروڻ ديوتا اسان جي آوڀگت ڪندا،
اڄ تہ توکي ڍنڍ جي ڇوڏاري
جهنگ، ٻيلي جو ڏن ڏيڪاريانءِ،
جت اسان هميشهہ دائم قائم رهنداسين.

*اڄ تائين ڪينجهر ڍنڍ سُس پُس*
*ڪري ٻن دلين وچ،*

۽ وروڻ ديوتا اسان جي ڪهاڻي ٻڌي ٿو،
جيئن جيئن سچ پاڻيءَ ۾ لهي ٿو.
۽ وڏ واتا ڪانو
لالچ ۽ حوس سان ڀريل پوري سينگار سان سجايل
ڏينڊ جي مٿان چڪر
ڪاٽيندا نظر اچن ٿا
شايد اِنهيءَ اُميد ۾ ته سندن ڪان ڪان سان
محبن جي گهري، سانت ننڊ ڦٽنندي،
چنڊ آسمان روشن ڪري
چوليون هوريان هوريان
پٽرائينڪناري سان ٽڪرائين
جت مهاڻي ۽ راجا سدائين
مؤجود آهن
جهنگ پڻ زنده محسوس ٿي ٿو....
اسان ڪان پوءِ به....